06-Nov-2025

# سُٺن ماڻهن جون نشانيون



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

6 نومبر 2025ع ( بمطابق 14 جمادي الاوليٰ 1447ھ)

تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# سُنن ماڻھن جون نشانيون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... يا الله! مون کي اهڙو نہ بڻائجان ......
- ... بني اسرائيل جي عبادت گذار جو واقعو ......
- ... ابنُ الوقت ڇاکي چئبو آهي؟ ......
- ... الله پاڪ جو ٻانهي جي لاءِ تحفو ......

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: قيامت جي ڏينهن ماڻهن مان منهنجي ويجهو اهو هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي وڌيڪ درود پاڪ پڙهيا هوندا. (1)

زبان و قلب کی عظمت درود پاک سے ہے | ہر ایک غم میں حفاظت درودِ پاک سے ہے
غم جہاں سے کبھی سابقہ نہیں پڑتا | مجھے تو ہر گھڑی راحت درودِ پاک سے ہے
بروزِ حشر وہ ہو گا نبی کی قُربت میں | جہاں میں جس کو بھی اُلفت درودِ پاک سے ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي : اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي. (2)

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اڄو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ با اَدَب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين

---

1... ترمذی، ابواب الوتر، باب ماجاء فی فضل...الخ، صفحہ:144، حدیث:484۔

2... بخاری، کتاب بدء الوحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!

## يا الله! مون کي اهڙو نه بڻائجان

حديث پاڪ ۾ آهي، رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: پهرين امتن جو واقعو آهي، هڪ ڀيري هڪ عورت پنهنجي کير پياڪ ٻار کي کنيو ويٺي هئي. رستي کان هڪ امير شخص گذريو، اهو گهوڙي تي سوار هو ۽ ظاهري طور تي وڏي شان شوڪت وارو هو. هاڻي اها عورت (جيڪا پنهنجي ٻار کي کنيو ويٺي هئي، ماءُ هئي نه، ته ان جي دل ۾ ارمان پيدا ٿيو) چيائين: اي الله پاڪ! منهنجي پٽ کي به هن جهڙو بڻاءِ (هن جهڙو شان ۽ شوڪت عطا فرماءِ).

رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ماءُ جي اها دعا ٻڌي ته اهو ٻار جيڪو اڃا کير پياڪ عمر ۾ هو، (خدا جي قدرت ته) ان ٻار ڳالهائي چيو: اَللّٰهُمَّ لَا تَجْعَلْنِیْ مِثْلَهٗ اي الله پاڪ! مون کي هن جهڙو نه بڻائجان.

ٿوري دير کان پوءِ، اتان هڪ عورت گذري، ان جي حالت خراب هئي، ماڻهو کيس کِهلي رهيا هئا، ٻار ان تي پٿر اڇلائي رهيا هئا. اهو ڏسي ماءُ جي دل ۾ وري ارمان جاڳيو، هن وري دعا ڪئي: اي الله پاڪ! منهنجي پٽ کي هن جهڙو نه بڻائجان. کير پياڪ ٻار وري چيو: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْنِیْ مِثْلَهٗ اي الله پاڪ! مون کي هن عورت جهڙو بڻائجان.

اهو ٻڌي ماءُ ٻار کي چيو: پٽ! ڇا ماجرا آهي؟ مون دعا ڪئي: الله پاڪ توکي ان شان و شوڪت واري شخص جهڙو بڻائي، تو چيو: اي الله پاڪ! مون کي اهڙو نه بڻائجان. مون دعا ڪئي: مولا! منهنجي پٽ کي هن ذلت کڻندڙ عورت جهڙو نه بڻائجان، تو چيو: اي الله پاڪ مون کي اهڙو ئي بڻائجان. ان ۾ راز ڇا آهي؟ ان کير پياڪ ٻار چيو: امڙ! اهو شخص ظاهري طور تي شان و شوڪت وارو هو پر اهو جهنمي هو ۽ اها عورت جيڪا ظاهري طور تي ذلت کڻي رهي هئي، اها نيڪ هئي، ماڻهو ان تي ظلم ڪري رهيا هئا ۽

اها چئي رهي هئي: حَسْبِيَ اللّٰہُ حَسْبِيَ اللّٰہُ مون کي الله ڪافي آهي. مون کي الله ڪافي آهي.[1]

بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ | گناہوں سے ہر دم بچا یا الٰہی!

## ولين جو شان

پيارا اسلامي ڀائرو! اها حديث پاڪ جيڪا مون اوهان کي ٻڌائڻ جي سعادت حاصل ڪئي، اها حديث شريف مشهور ڪتاب بخاري شريف ۾ به آهي ۽ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُاللّٰہِعَلَيْه جي ڪتاب مسندِ امام احمد ۾ به آهي. بخاري شريف ۾ ٿوري مختصر آهي، مسندِ امام احمد ۾ تفصيل سان آهي. مون مسندِ امام احمد واري روايت اوهان کي ٻڌائي آهي.

هن حديث پاڪ جي روشنيءَ ۾ پهرين ته ان ٻار جو شان ڏسو! ظاهر اهو ئي آهي ته اهو ڪو پيدائشي ولي الله هو، تڏهن ته ۞ کير پياڪ عمر ۾ ڳالهيون به ڪري رهيو هو ۞ زماني جا راز به ڄاڻي رهيو هو ۞ ۽ ماءُ جيڪا وڏي عمر واري آهي، عقل مند به آهي، ان جون اکيون جيڪي ڪجھ نہ ڏسي رهيون هيون، ان ننڍڙي ولي الله جون اکيون اهو به ڏسي رهيون هيون، علم جو شان ڏسو! ڪيس خبر هئي ته ظاهري طور تي شان ۽ شوڪت وارو شخص آخر ڪار جهنمي هوندو ۽ ظاهري طور تي ذلت ڪٽندڙ عورت الله پاڪ جي بارگاهه ۾ وڏو مقام رکندي آهي.

هن مان معلوم ٿيو: پيدائشي وليَ به ٿيندا آهن. يعني ايڏي شان وارا به ٿيندا آهن جن کي الله پاڪ ولي بڻائي ئي دنيا ۾ موڪليندو آهي ۞ اَلحمدُلِلّٰه! اسان جا پير، پيرن جا پير، پير دستگير حضور غوث پاڪ رَحْمَةُاللّٰہِعَلَيْه به پيدائشي ولي هئا ۞ اعليٰ حضرت، امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللّٰہِعَلَيْه به پيدائشي ولي هئا ۞ ۽ سندن شهزادو حضور مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُاللّٰہِعَلَيْه به پيدائشي ولي هئا ۞ ٻي ڳالهه ان مان اها معلوم ٿي ته الله پاڪ ولين کي بلند نگاهه عطا

1...مسند احمد، جلد:4، صفحه:243، حديث:8292 ـ

فرمائيندو آهي، انهن کي غيب جو علم بہ بخشيو ويندو آهي، اهي اهو ڪجھ ڏسي سگهندا آهن جيڪو عام ماڻهن کي نظر نہ ايندو آهي، اهي اهو ڪجھ ڄاڻي وٺندا آهن، جيڪو عام ماڻهن کي معلوم نہ هوندو آهي.

اَولیا ہیں سب سَلاطیں ہم رِعَایا و غُلام

اَوْلیا سب ہیں رعیت اور سُلطاں غوثِ پاک

## هر چمڪندڙ شيءِ سون نہ هوندي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث پاڪ مان هڪ اهم ڳالھ جيڪا اسان کي سکڻ لاءِ ملي، اُها هيءَ تہ اسان وٽ ڀلائي برائي جو معيار ٻيو آهي، الله پاڪ وٽ ڪجھ ٻيو آهي. اسين ظاهر کي ڏسندا آهيون، ٻانهو وڏو امير آهي، ان کي ڏسي اسان جي دل مائل ٿي ويندي آهي ۞ ڪنهن جو ڪاروبار سٺو ٿي رهيو آهي، اسين چوندا آهيون: هن تي خدا جو وڏو فضل آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هن تي خدا جو وڏو فضل هجي پر ان جي ابتڙ بہ ٿي سگهي ٿو ۞ ڪو غريب مان امير ٿي وڃي، اسين چوندا آهيون: هن تي خدا تمام مهربان آهي. ڪو امير مان غريب ٿي وڃي، اسين چوندا آهيون: هن ڪان ضرور ڪو گناھ ٿيو آهي، الله پاڪ ان کان سخت ناراض آهي.

يعني اسين ماڻهو ظاهري ٽپ ٽاپ، شان و شوڪت ۽ عزت ۽ شهرت کي ڏسي رهيا هوندا آهيون. پر ياد رکو! جيئن هر چمڪندڙ شيءِ سون نہ هوندي آهي، ايئن ئي هر دنياوي شان و شوڪت، عزت و شهرت الله پاڪ وٽ مقبوليت جو دليل نہ هوندو آهي.

الله پاڪ وٽ مقبوليت جو دليل ڇا آهي؟ اسين ڪنهن کي ڇئي سگهون ٿا تہ ان تي خدا تمام مهربان آهي؟ ان تي الله پاڪ جو وڏو فضل آهي؟ اچو! هن حوالي سان هڪ آيتِ سڳوري ۽ ڪجھ حديثون ٻڌون ٿا:

## (1): ايمان ملڻ فضل جو دليل آهي

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَمَنۡ يُّرِدِ اللّٰهُ اَنۡ يَّهۡدِيَهٗ يَشۡرَحۡ صَدۡرَهٗ لِلۡاِسۡلَامِ ۚ (پاره: 8، سوره انعام:125)

ترجموڪنزالعرفان: ۽ جنھن کي الله هدايت ڏيڻ چاھيندو آهي ته ان جو سينو اسلام جي لاءِ کولي ڇڏيندو آهي.

سُبۡحٰنَ الله! معلوم ٿيو: پلو اھو آھي جنھن کي اسلام سمجھ ۾ اچي ويو، جنھن جو سينو ايمان لاءِ ڪشادو ڪيو ويو. جنھن کي ايمان جي دولت نصيب نه آھي، اھو چاھي امير ھجي، ڪروڙ نه بلڪ ارب ڪرب پتي ھجي، دنيا جو سڀ کان طاقتور ترين ماڻھو ھجي، جنھن جي اشارن تي لکين ماڻھو ھلن، جيڪڏھن ايمان نصيب نه آھي ته ھي سڀ مال، دولت، طاقت، قوت ان تي فضل نه بلڪ غضب آھي، مھرباني نه، قھر آھي.

۽ جنھن کي ايمان جي دولت نصيب ٿئي، اھو چاھي ڦاٽل پراڻن ڪپڙن ۾، معمولي جھوپڙي ۾ ئي ڇو نه ھجي، اھو پلو ڀانھو آھي.

## مريض وٽ سٺي ڳالھ چئو!

**مسلم شريف ۾ حديث آھي،** رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِذَاحَضَرۡتُمُ الۡمَرِيۡضَ جڏھن توھان (مسلمان) مريض وٽ وڃو ته فَقُوۡلُوۡا خَيۡرًا اتي زبان مان صرف سٺي ڳالھ ئي ڪڍو!

ان جو سبب ڇا آھي؟ فرمايو: فَاِنَّ الۡمَلَائِكَةَ يُؤَمِّنُوۡنَ عَلٰى مَا تَقُوۡلُوۡنَ بيشڪ (مريض وٽ ويھي) جيڪو توھان چئو، فرشتا ان تي آمين چوندا آھن. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اھو شان مسلمان جو شان آھي. ھن حديث پاڪ ۾ ڪو قيد نه آھي ته ۞ وقت جي غوث وٽ ويھو يا ۞ ولين جي ولي وٽ ويھو. بلڪ ڪو ۞ عام مسلمان پلي اھو امير نه ھجي ۞ پلي اھو گنھگار ئي ھجي ۞ چاھي معمولي جھوپڙيءَ ۾ رھندو ھجي ۞ چاھي پوري شھر ۾ سڀ کان وڏو غريب ھجي، جيڪڏھن ان جي دل ۾ نورِ ايمان موجود آھي ته

1... مسلم، ڪتاب الجنائز، باب مايقال عند المريض و الميت، صفحہ:330، حديث:919۔

ان جو اهو شان آهي، بيمار تي وجي ته فرشتا ان وٽ موجود رهندا آهن، ڪو عيادت لاءِ اچي ته حڪم آهي ته زبان سنڀالي ويهي، ڪو به غلط جملو هتي زبان مان نه ڪڍي، ڇو ته ان جي زبان مان ڳالهه نڪرندي، فرشتا آمين چوندا ۽ چيل ڳالهه اهڙي طرح قبول ٿي ويندي.

هاڻي ڏسو! ٻانهو چاهي دنيا جو سڀ کان امير، ارب، ڪرب پتي ئي ڇو نه هجي، جڏهن ان جي دل ۾ ايمان جو نور موجود نه آهي ته اهو شان ڪيس نصيب نه آهي جيڪو هڪ عام غريب ترين مسلمان کي به نصيب آهي.

خبر پئي: پلو ايمان وارو آهي ڇوته ان سان فرشتا رهندا آهن. غير مسلم چاهي ڪيترو ئي امير ڪبير، پڙهيل لکيل، ٽپ ٽاپ ڇو نه هجي، اهو هرگز هرگز پلو نه بلڪ بڇڙو ئي بڇڙو آهي. الله پاڪ غير مسلمن جي متعلق فرمايو:

| | |
|---|---|
| اُولٰٓىِٕكَ هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ (پاره:30، سوره بينه:6) | ترجموڪنزالعرفان: اهي ئي سموري مخلوق مان سڀ کان بدتر آهن. |

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُ لِلّٰه! ايمان جي دولت اسان کي نصيب آهي، ان تي الله پاڪ جو شڪر به ادا ڪرڻ گهرجي، ان سان گڏ دعا به ڪرڻ گهرجي ته الله پاڪ اسان کي ايمان تي استقامت نصيب فرمائي.

دينِ اسلام پر مجھے یاربّ! اِستِقامت تُو مَرحَمَت فرما
موت اِیماں پہ دے مدینے میں اور مَحمُود عاقِبت فرما

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): دين جي سمجهه ملڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! پلي ٻانهي جي هڪ وڏيڪ نشاني ٻڌو! حديث پاڪ ۾ آهي: مَنْ يُرِدِ اللهُ بِهٖ خَيْرًا يُّفَقِّهْهُ فِي الدِّيْنِ يعني الله پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي، ڪيس دين جي فقاهت (يعني سمجهه) عطا فرمائي ڇڏيندو آهي.[(1)]

[1]... بخاري، كتاب العلم، باب من يرد الله ...الخ، صفحه:90 حديث :71۔

سُبْحٰنَ الله! اها آهي پلي ٻانهي جي نشاني...!! الله پاڪ جنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي، جنهن تي پنهنجو خاص فضل و ڪرم فرمائيندو آهي، ان جي نشاني ائين ظاهر ٿيندي آهي ته ٻانهي کي دين جو فقيہ (يعني دين جي سمجھ رکندڙ) بڻايو ويندو آهي.

## فقيہ ڪنهن کي چوندا آهن...؟

اها ڳالھ ياد رکو! علم ۽ فقاهت ۾ تمام گهڻو فرق آهي. فقاهت جو مطلب هوندو آهي: ٻانهي کي ڪڏهن ڇا ڪرڻو آهي؟ ڪيئن ڪرڻو آهي؟ ان جي سمجھ نصيب ٿي وڃي.

مثال طور ۞ هڪ ماڻهو وضو ڪري رهيو آهي، ان کي معلوم آهي ته مسواڪ (ڏندڻ) ڪرڻ سنت آهي ۽ اهو مسواڪ بہ ڪري رهيو آهي، اتي جماعت شروع ٿي وئي. هاڻي بہ صورتون ٿينديون، هڪ اها تہ ماڻهو هتي مسواڪ ئي ڪندو رهي، اتي جماعت گذري وڃي. اها فقاهت نہ هجڻ جي نشاني آهي. ٻي صورت اها تہ ماڻهو في الحال مسواڪ جي سنت کي ڇڏي ۽ جلديءَ مان جماعت ۾ شامل ٿئي، اها فقاهت آهي ۞ اهڙي طرح ٻانهو غريب آهي، ان تي زڪوات فرض نہ آهي، نماز ان تي فرض آهي پر اهو نماز جا احڪام نہ سکي، زڪوات جا احڪام سکي، اها بہ فقاهت نہ هجڻ جي نشاني آهي. مطلب تہ: ٻانهي کي اها خبر پئجي وڃي تہ مون کي ڪڏهن ڇا ڪرڻو آهي؟ ان کي فقاهت چئبو. ان جو هڪ مثال اسان کي حديث پاڪ ۾ بہ ملي ٿو:

## بني اسرائيل جي عبادت گذار جو واقعو

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اڳين اُمتن ۾ جُرَيج نالي هڪ شخص هو، وڏو عبادت گذار هو.

وضاحت ڪري ڇڏيان، هي حضرت جُرَيج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه الله پاڪ جي بارگاھ ۾ وڏو مقام رکندڙ هو. ڪجھ روايتن ۾ ائين بہ آهي تہ اهي پهريان واپار ڪندا هئا، ڪين واپار ۾ ڪڏهن فائدو ٿيندو هو، ڪڏهن نقصان ٿيندو هو. هڪ دفعو هن سوچيو: ڇڏيو بس! هاڻ اهو واپار ڪيون ٿا جنهن ۾ نقصان نہ ٿئي.

تنهنڪري هنن پنهنجو هڪ عبادت خانو ٺاهيو ۽ عبادت ۾ مصروف ٿي ويا. [1]

سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي زبردست ڳالھ آهي نہ. الله پاڪ اسان کي اهڙي سوچ نصيب فرمائي. خير! مان حديث شريف ٻڌائي رهيو هيس: رسول اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هڪ دفعو حضرت جريج رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ پنهنجي عبادت خاني ۾ نماز پڙهي رهيا هئا، سندن والده اتي آئي. آواز ڏنائين: اي جُرَيج...!! هي نماز ۾ هئا. دل ئي دل ۾ سوچڻ لڳا: يا الله! هڪ طرف نماز آهي، ٻئي طرف امڙ سائڻ آهي، ڇا ڪيان؟ ٿورو سوچي فيصلو ڪيو تہ نماز وڌيڪ اهم آهي. تنهنڪري نماز جاري رکيائون. والده ٻيهر آواز ڏنو: اي جُرَيج! حضرت جُرَيج رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جواب نہ ڏنو. ماءُ ٽيو دفعو آواز ڏنو. پاڻ وري بہ نماز ۾ مشغول رهيا. آخر ماءُ ڪاوڙ مان چيو: خدا توکي تيستائين موت نہ ڏئي، جيستائين تون بدڪار عورت جو منهن نہ ڏسي وٺين...!!

ماءُ جي دعا تہ وري ماءُ جي دعا آهي، الله پاڪ ان کي قبول فرمائيندو آهي. تنهنڪري هڪ وقت آيو، هڪ بدڪار عورت ڪنهن ڌنار سان بدڪاري ڪئي، ٻار پيدا ٿيو تہ ان جو الزام حضرت جُرَيج رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ تي لڳائي ڇڏيو. ماڻهن بدڪار عورت جي ڳالھ ٻڌي تہ ڪاوڙ ۾ اچي ويا. ان ڏانهن ڊوڙيا، پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عبادت خانو ڀڃي ڇڏيو ۽ پاڻ کي ٻڌي بادشاه جي سامهون ڪٺي آيا. پاڻ کي جڏهن معاملي جي خبر پئي تہ ان ننڍڙي ٻار کي ئي فرمايائون: پٽ! تون ئي ٻڌاءِ تہ تنهنجو والد ڪير آهي؟ ان ننڍڙي ٻار ڳالهائي چيو: منهنجو پيءُ فلاڻو ڌنار آهي. اهو ٻڌي سيني مڃيو تہ حضرت جريج رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بلڪل بي گناھ آهن. [2] البت! اها جيڪا ماءُ انهن جي خلاف دعا ڪئي هئي، اها پوري ٿي وئي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! فقاهت اها آهي تہ ڀانهو نفل نماز پڙهي رهيو هجي، والده آواز ڏئي تہ ماڻهو نماز ڇڏي امڙ جي ڳالھ ٻڌي پر حضرت جُريج رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ائين نہ ڪيو، پاڻ تمام وڏا عبادت گذار هئا، ولي الله هئا، البتہ!

---

1...مسند احمد، جلد:4، صفحه:618، حديث:9853۔

2...مسند احمد، جلد:4، صفحه:614، حديث:9852 ملخصاً۔

صرف هڪ معاملي ۾ پاڻ فقاهت جو مظاهرو نہ ڪيائون تہ ان جو ڪين نقصان ڪٿڻو پيو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اميد آهي هاڻي فقاهت جو مطلب سمجھ ۾ اچي ويو هوندو. حديث پاڪ اسان ٻڌي: الله پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي، کيس فقاهت عطا فرمائيندو آهي. هاڻي اسان غور ڪريون: ڇا اسان کي اها فقاهت نصيب آهي؟ ڇا اسان ان ڳالھ تي توجھ ڪندا آهيون؟ مون کي ڪڏهن ڇا ڪرڻو آهي؟ مون تي ڪهڙي وقت ڪهڙو ڪم لازم آهي؟ ڇا ان ڳالھ جي مون کي سمجھ آهي؟ افسوس! عام طور تي سمجھ نہ هوندي آهي ۞ ٻانهي تي نماز جا احڪام سکڻ فرض ٿي چڪا آهن پر اهو دنياوي تعليم سکڻ ۾ مصروف هوندو آهي. يقيناً دنياوي تعليم جائز انداز ۾ سکڻ بلڪل جائز آهي پر جيڪو سکڻ فرض آهي، اهو پهرين سکڻو پوندو ۞ اهڙي طرح اسان وٽ ماڻهو عجيب قسم جي جهيڙن ۾ الجهيل رهندا آهن: مثلاً ۞ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي ناني جو نالو ڇا هو؟ ۞ ياجوج ماجوج ڪنهن جو اولاد آهن؟ ۞ فلاڻي صحابي فلاڻو ڪم ڇو ڪيو؟ ۞ فلاڻي ائين ڇو ڪيو؟ ۞ فلاڻي ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ۞ فلاڻي جماعت ڇا ڪري رهي آهي؟ ۞ سياسي تبصرا، حڪومتن تي تنقيد ۽ نہ ڄاڻي ڪهڙن ڪهڙن مسئلن ۾ اسان الجهيل رهندا آهيون.

اڙي ادا...!! اسان تي ڇا لازم آهي، اسان اهو سوچيون نہ، ٻين مسئلن سان اسان جو ڇا تعلق...؟ بيشڪ جنرل معلومات حاصل ڪرڻ بہ خراب نہ آهي پر پهرين فرضَ تہ پورا ڪري وٺون، واجبَ تہ پورا ڪري وٺون. منهنجي ذمّي ڇا آهي؟ پهرين ان تي غور ڪري وٺون. باقي مسئلا بہ بعد ۾ حل ٿيندا رهندا.

## اها هڪ قوم هئي، جيڪا گذري وئي

هڪ دفعو حضرت امام احمد بن حنبل رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِ جي خدمت ۾ هڪ شخص حاضر ٿيو، عرض ڪيائين: سائين...!! مسلمانن جي چوٿين خليفي مولا علي رَضِيَاللهُعَنْهُ ۽ حضرت امير معاويہ رَضِيَاللهُعَنْهُ جي وچ ۾ جيڪي معاملا ٿيا، انهن جي متعلق توهان جي ڇا راءِ آهي ؟ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه خاموش ٿي

ويا، ٿوري دير کان پوءِ آيت سڳوري تلاوت ڪيائون: (1)

| | |
|---|---|
| تِلْكَ اُمَّةٌ قَدْ خَلَتْ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَلَكُمْ مَّا كَسَبْتُمْ (پاره:1، سوره بقره:141) | ترجمو ڪنزالعرفان: اها هڪ امت آهي جيڪا گذري چڪي آهي انهن جا عمل انهن جي لاءِ آهن ۽ توهان جا عمل توهان جي لاءِ آهن. |

پاڻ اهو ٻڌائڻ چاهين پيا ته ادا...!! اهي صحابه ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوان هئا، اهي سڀ جنتي آهن، انهن جي وچ ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو، ان جو فيصلو قيامت جي ڏينهن الله پاڪ فرمائيندو، اسان کي وڏن جي معاملن سان ڪهڙو تعلق...!! جنهن ڳالهه جو اسان کان سوال ٿيندو، ان جي ڳالهه ڪريو! اهو سکو! اهو سمجهو! غير ضروري معاملن ۾ دخل چو ڏيندا آهيو؟

پيارا اسلامي ڀائرو! اها اسان جي سمجهڻ جي ڳالهه آهي. دين ۾ فقاهت حاصل ڪريو! يعني اصل سکڻ، سمجهڻ، ڏسڻ، غور ڪرڻ، تبصري ۽ تجزيي ڪرڻ جي اها ڳالهه آهي ته ۞ مون تي ڇا لازم آهي؟ ۞ مون ڇا ڪيو؟ ۞ مان ڇا ڪري رهيو آهيان؟ ۞ مون پنهنجون ذميداريون پوريون ڪري ورتيون آهن يا نه؟ اهو ئي سکڻ، سمجهڻ ۽ غور ڪرڻ ۾ مصروف رهڻ گهرجي. ۞ الله پاڪ هڪ آهي، ان جو ڪو شريڪ نه آهي ۞ محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم الله پاڪ جا نبي آهن، آخري رسول آهن ۞ صحابه ڪرام عليهم الرضوان سڀ جا سڀ جنتي آهن. وغيره جيترا بنيادي عقيدا آهن، اسين اهي سکي وٺون ۽ انهن تي پڪا رهون، بس اهو ڪافي آهي ۞ اهڙي طرح ملڪن جي متعلق تبصرا ۞ جماعتن تي تنقيدون. انهن سڀني سان اسان جو ڇا تعلق...؟ ها! ان سان تعلق تڏهن بڻبو، جڏهن اسان کي اهي ذميداريون سونپيون وينديون. تنهنڪري ڀلائي ان ۾ آهي ته اسين فضول ۽ بي فائدو ڳالهين کان توجهه هٽائي فقاهت حاصل ڪريون، حاضر وقت مون تي ڇا لازم آهي، اهو سوچڻ، سمجهڻ ۽ سکڻ جي ڪوشش ۾ لڳي وڃون.

---

[1]... تاريخ بغداد، جلد:6، صفحه:42.

## اِبْنُ الْوَقْت ڪنهن کي چوندا آهن؟

صوفي سڳورن وٽ هڪ اصطلاح ڳالهائي ويندي آهي: اِبنُ الوقت. چوندا آهن: اَلصُّوفِيُّ اِبْنُ الْوَقْتِ يعني صوفي ابنُ الوقت هوندو آهي. ابنُ الوقت جي اها ئي معنيٰ آهي تہ صوفي هر وقت اهو ئي ڪم ڪري رهيو هوندو آهي، جيڪو ان لمحي ان تي لازم هوندو آهي.[1]

بس اسان کي بہ گهرجي تہ اسان ابنُ الوقت بڻجي وڃون. يعني هر لمحي ان ئي ڪم ۾ مصروف هجون جيڪو ان لمحي اهم ۽ لازم هجي. اللّٰہ پاڪ اسان کي ان جي توفيق نصيب فرمائي. آمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (3): آزمائش ۾ مبتلا ٿيڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! پلي ٻانهي جي نشاني ڇا آهي؟ ان حوالي سان هڪ بي حديث پاڪ ٻڌو! حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ يُّرِدِ اللهُ بِهٖ خَيْرًا يُصِبْ مِنْهُ يعني اللّٰہ پاڪ جنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي، کيس آزمائش ۾ مبتلا فرمائي ڇڏيندو آهي.[2]

اللّٰهُ اڪبر! ڪيڏي نرالي ڳالھ آهي. اسان وٽ ماڻهو ان جي اُبتڙ هلندا آهن. ڪنهن کي پئسا ملي رهيا آهن، مال و دولت جي ڪثرت ٿي رهي آهي، جتي وڃن ٿا ڪاميابي ئي ملي ٿي، ان جي متعلق ماڻهو چوندا آهن: هن تي اللّٰہ پاڪ جو وڏو فضل آهي. ان کان اللّٰہ پاڪ راضي آهي.

ٿي سگهي ٿو تہ ان کان بہ اللّٰہ پاڪ راضي هجي، البتہ! اللّٰہ پاڪ جي فضل جي نشاني آزمائش آهي. مال و دولت ملڻ هر ڀيري فضل جي نشاني نہ هوندو آهي بلڪ مال و دولت جي ڪثرت ڪڏهن ڪڏهن اللّٰہ پاڪ جي ناراضگي جي نشاني هوندي آهي.

---

[1]... رساله قشيريه ، باب فی تفسيرالفاظ تدور...الخ، صفحہ:90۔

[2]...بخاری، کتاب المرضی، باب ماجاء فی کفارۃ المریض، صفحہ:1432، حدیث:5645۔

# نعمتن جي ڪثرت کان ڊڄو!

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

فَلَمَّا نَسُوْا مَا ذُكِّرُوْا بِهٖ فَتَحْنَا عَلَیْهِمْ اَبْوَابَ كُلِّ شَیْءٍؕ (پاره:7، سورة انعام:44)

ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ جڏهن اُهي نصيحتون وساري ويٺا، جيڪي کين ڪيون ويون هيون، پوءِ اسان انهن تي هر شيءِ جا دروازا کولي ڇڏيا

يعني جڏهن ماڻهن الله پاڪ جي احڪامن کي وساري ڇڏيو ته الله پاڪ انهن تي هر شيءِ جا دروازا کولي ڇڏيندو آهي، هتان کان به رزق اچي رهيو آهي، هتان کان به ڪاميابي ملي رهي آهي، چوندا آهن نه: مٽيءَ کي هٿ لڳائي ته سون بڻجي وڃي. ان ٻانهي جي اها حالت ٿي ويندي آهي. پوءِ ڇا ٿيندو آهي:

حَتّٰۤى اِذَا فَرِحُوْا بِمَاۤ اُوْتُوْۤا اَخَذْنٰهُمْ بَغْتَةً فَاِذَا هُمْ مُّبْلِسُوْنَ(۴۴) (پارهه:7، سوره انعام:44)

ترجمو ڪنزالعرفان: ايستائين جو جڏهن اهي ان تي خوش ٿي ويا جيڪي انهن کي ڏنيون ويون پوءِ اسان اوچتو انهن کي پڪڙي ورتو.

يعني جڏهن ٻانها نعمتن جي ڪثرت جي سبب غافل ٿي ويا، انهن نعمتن ۾ ئي خوش ٿيندا رهيا، اِترائيندا رهيا، پوءِ اوچتو اهڙي غفلت جي حالت ۾ انهن جي پڪڙ ٿي ويندي آهي.

امام حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن توکي گناهن جي باوجود نعمتون ملي رهيون هجن ته ڊڄ! ته اها الله پاڪ جي خفيه تدبير ٿي سگهي ٿي.(1)

خبر پئي: نعمتون ئي نعمتون ملنديون رهڻ، آزمائش نه اچڻ، هر ڀيري فضل جي علامت نه آهي، ڪڏهن ڪڏهن اها ناراضگي جي علامت به هوندي آهي جڏهن ته آزمائش هر ڀيري ئي فضل جي نشاني آهي. ڏسو! ۞ جڏهن اسين بيمار ٿيندا آهيون ته ڪنهن کي ياد ڪندا آهيون؟ الله پاڪ کي

[1]… تفسير قرطبی، پاره:7، سورة انعام، زير آيت:44، جز:6، جلد:3، صفحه:225۔

۞ جڏهن ڪاروبار بند ٿيندو آهي ته ڪنهن کي ياد ڪندا آهيون؟ الله پاڪ کي ۞ تنگدستي ۾ ڪنهن کي سڏيندا آهيون؟ الله پاڪ کي ۞ خدانخواسته زلزلو اچي وڃي، ٻوڏ اچي وڃي، تيز هوائون هلن ته غافل ترين ماڻهو به ڪلمي شريف جو ورد شروع ڪري ڇڏيندا آهن. خبر پئي: الله پاڪ جنهن بندي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي، ڪيس آزمائش ۾ وجهندو آهي، جڏهن بندي تي آزمائش ايندي آهي ته غفلت جو پردو ڦاٽي پوندو آهي ۽ بندو يادِ خدا ۾ مصروف ٿي ويندو آهي.

## هڪ ملحد جو ايمان آڻڻ

هڪ ملحد هو. اهو ماڻهو، جيڪو الله تعاليٰ جي وجود کان ئي انڪار ڪري، ان کي ملحد چئبو آهي. هي به الله تعاليٰ جي وجود کان انڪاري هو، چوندو هو ته هي دنيا بس خود بخود ٺهجي وئي، هاڻي پاڻهي هلي پئي. هڪ دفعو ائين ٿيو ته سندس ڌيءَ بيمار ٿي پئي. ڊاڪٽرن وٽ پهتو، ڊاڪٽر چيڪ اپ ڪيو ، دوائون ڏيون پر شفا ملي ئي نه ٿي.

آخر ڊاڪٽرن سندس ڌيءَ کي جواب ڏيئي ڇڏيو ته هاڻي هي بچي نه سگهندي. هن ملحد کي ڌيءَ سان تمام گهڻو پيار هو، تمام ڏکارو ٿيو، هاڻي هو ڪنهن جي حضور دعا ڪري. خدا کي ته هي مڃيندو ئي نه هو. پر هاڻي ڌيءَ جي جان جي لڳل هيس. آخر جڏهن هر طرف کان مايوس ٿي ويو ته هي اڪيلائي ۾ ويو، دعا لاءِ هٿ ڪنيائين ۽ روئيندي چيائين: اي الله پاڪ! جيڪڏهن واقعي تنهنجو وجود آهي ته مون کي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي. اي الله پاڪ! مان بلڪل بي وس آهيان، منهنجي مدد فرماءِ، منهنجي ڌيءَ کي شفا نصيب ڪر.

بس سندس ٻاڏائڻ جي دير هئي ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سندس دعا قبول ٿي ۽ سندس ڌيءَ تندرست ٿي وئي. هاڻي هي مڃي ويو ته خدا جو وجود واقعي آهي. پر هاڻي ڪيس پريشاني هئي ته خدا جو وجود ته آهي پر مان ڪهڙي خدا جي عبادت ڪريان. دنيا ۾ گهڻا ئي مذهب آهن، سڀ الڳ الڳ خدا جي پوڄا ڪن ٿا. جڏهن هي هن ڪشمڪش ۾ هو ته ڪنهن ڪيس قرآنِ ڪريم جو تحفو پيش ڪيو. هن قرآنِ ڪريم جي تلاوت شروع ڪري ڏني. جڏهن جڏهن قرآنِ ڪريم پڙهندو ويو، دل تان ڪاراڻ لهندي وئي، آخر سندس دل ۾ ايمان جو

نور روشن ٿيو ۽ هي ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.

سُبۡحٰنَ اللهُ! پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: الله پاڪ جنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي، ان کي آزمائش ۾ مبتلا فرمائي ڇڏيندو آهي ، ان آزمائش جي برڪت سان ماڻهو نيڪيءَ ۽ هدايت طرف ايندو آهي.

## ڪاروبار ۾ نقصان ڇو ٿيو...؟

هڪ تمام پياري روايت آهي. توجهه سان ٻڌجو. حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: ٻانهو ڪڏهن ڪڏهن واپار جو ارادو ڪندو آهي، ان وقت الله پاڪ ان تي نظرِ رحمت فرمائيندو آهي ۽ فرشتن کي حڪم ڏيندو آهي: هن ٻانهي کي واپار کان پري ڪر، جيڪڏهن هن لاءِ واپار آسان ڪيو ويو ته اهو سندس جهنم ۾ وڃڻ جو سبب بڻجي ويندو. پوءِ فرشتا ان جي ۽ واپار جي وچ ۾ حائل ٿي ويندا آهن. (1)

الله اڪبر! ڪهڙي ڳالهه آهي...!! ٻانهو گهر کان نڪتو، دڪان تي پهتو، ڇو ته الله پاڪ ان تي فضل فرمائڻ وارو آهي، رب العالمين جو ارادو ٿي ويو ته ان تي خاص ڪرم و احسان ڪيو ويندو، تنهنڪري فرشتن جي ڊيوٽي لڳائي ويندي آهي، ڪهڙي ڳالهه جي...؟ اها ته اڄ سڄي بازار جا گراهڪ ان جي دڪان تي گڏ ڪيا وڃن...؟ نه...!! نه...!! فرشتن جي ڊيوٽي لڳي ويندي آهي ته اڄ ان جي دڪان تي ڪو به گراهڪ نه اچڻ ڏيو. ڇو؟ ان ڪري ته جيڪڏهن ان وٽ مال اچي ويو ته هي غفلت جو شڪار ٿي ويندو، گناهن ۾ مبتلا ٿي جهنم جو حقدار بڻجي ويندو.

الله! الله! اسان وٽ جيڪڏهن ائين آزمائش اچي وڃي ته ماڻهو شڪايتون ڪندي ڇوندا آهن: ڪهڙو گناهه ٿي ويو جو مون تي ئي آزمائش اچي وئي. ائين ڇوڻ نه گهرجي بلڪ اهو سوچڻ گهرجي ته هي منهنجي گناهن جي ئي شامت آهي، جنهن جي ڪري هي آزمائش آئي آهي. ان سان گڏوگڏ آزمائش اچي ته شڪر ڪرڻ گهرجي ته الله پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي ته ان کي آزمائش ۾ مبتلا فرمائيندو آهي.

---

[1]...شرح اصول اعتقاد اہل السنۃ و الجماعۃ ، جز:4، جلد:2، صفحہ:411، رقم:1219۔

## آزمائش جي دُعا گهرڻ ڪيئن؟

هتي هڪ ڳالهه ياد رکو! اسان کي آزمائش جي دعا گهرڻ جي اجازت ناهي. ڪجهه ماڻهو جڏهن اهڙيون حديثون پڙهندا آهن تہ پنهنجي لاءِ آزمائش جي دعا ڪندا آهن تہ يا الله پاڪ! مون کي آزمائش ۾ مبتلا ڪر تہ جيئن منهنجا گناهہ مِٽجي وڃن. هيءَ غلط ڳالهہ آهي. الله پاڪ کان عافيت جي ئي دعا گهرڻ گهرجي. بس الله پاڪ اسان کي عافيت نصيب فرمائي ۞ جيڪڏهن آزمائش اچي بہ وڃي ۞ معاشي تنگي ٿي وڃي ۞ ڪاروبار بيهي وڃي ۞ بيماريون ۞ پريشانيون وڪوڙين تہ اسان کي صبر بہ ڪرڻ گهرجي ۽ شڪر بہ بجا آڻڻ گهرجي. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

آمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4): الله پاڪ ٻانهي جي لاءِ تحفو؟

پيارا اسلامي ڀائرو! ڀلي ماڻهوءَ جي هڪ ٻي نشاني ٻڌو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِذَا اَرَادَ اللهُ بِعَبْدٍ خَيْرًا اَهْدٰى لَهٗ هَدِيَّةً يعني الله پاڪ جڏهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان ڏانهن تحفو موڪليندو آهي . پڇيو ويو: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مَا تِلْكَ الْهَدِيَّةُ يعني هي تحفو ڇا هوندو آهي؟ فرمايو: بِضَيْفٍ يَنْزِلُ بِهٖ بِرِزْقِهٖ وَيَرْحَلُ، وَقَدْ غُفِرَ لِاَهْلِ الْمَنْزِلِ يعني الله پاڪ ان وٽ مهمان موڪليندو آهي جيڪو پنهنجو رزق ساڻ کڻي ايندو آهي پر جڏهن ويندو آهي تہ گهر وارن جي مغفرت ڪئي ويندي آهي.[1]

سُبْحٰنَ الله! معلوم ٿيو: جنهن وٽ مهمان ايندا ويندا آهن، هي بہ الله پاڪ طرفان خاص فضل ۽ رحمت ملڻ جي علامت آهي. اسان وٽ ڪجهه ماڻهو مهمانن کي بار سمجهڻ لڳا آهن. هيءَ بري ڳالهہ آهي. مهمان تہ پنهنجو رزق

---

[1]... معرفة الصحابہ لابی نعيم، جلد:1، صفحہ:513، رقم:1731 ـ

ساڻ ڪٽي ايندو آھي، اسان لاءِ تہ ھي مفت جي غنيمت آھي، اسان ان جي مھمان نوازي ڪنداسين، ان سان حسنِ اخلاق سان پيش اينداسين، چڱي طرح خاطر داري ڪنداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بخشش جا حقدار ٿي ويندا سين.

## ان ۾ ڪا ڀلائي ناھي…

رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: لَاخَيْرَفِيْمَنْ لَّا يُضَيِّفُ يعني ان ٻانھي ۾ ڪا ڀلائي ناھي، جيڪو مھمان نوازي ناھي ڪندو. (1)

ڏسو! مھمان نوازي ڪي ڪيتري حد تائين اھميت ڏني پئي وڃي، ھي ٻڌايو پيو وڃي تہ ماڻھوءَ جي چڱائي ۽ برائي، سندس شر ۽ سندس ڀلائي جو معيار مھمان نوازي آھي ۞ جيڪو مھمان نواز آھي ۞ مھمان جي عزت ڪندو آھي ۞ مھمان ڪي راحت ۽ آرام پھچائيندو آھي ۞مھمان گھر اچي تہ خوشي سان ڀَھڪي پوندو آھي ۞ اھو ماڻھو تمام سنو آھي، ان جي ڪردار ۾، ان جي اخلاق ۾، ان جي سيرت ۽ ذات ۾ ڀلائي آھي ۽ ۞ جيڪو ٻانھو مھمان جي عزت ناھي ڪندو۞ مھمان گھر اچي وڃي تہ ان جو چھرو ڪومائجي ويندو آھي ۞ دل ئي دل ۾ پريشان ٿي ويندو آھي ۞ مھمان جي سٺي ميزباني ناھي ڪندو اھڙي ماڻھوءَ جي اخلاق ۽ ڪردار ۽ ان جي ذات ۾ ڪا ڀلائي ناھي.

## مھمان نوازي جي فضيلتن تي حديثون

۞ حضرت انس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جو بيان آھي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنھن گھر ۾ مھمان ھجي ان گھر ۾ خير و برڪت اھڙي طرح ڊوڙندي آھي جيئن اُٺ جي ٻُنيءَ(ڪُوھان) تان لٺ (تيزي سان ڪرندي آھي) بلڪ ان ڪان بہ تيز. (2)

**وضاحت:** اوھان اُٺ ڏٺو ھوندو، اُٺ جي پُٺ جبل وانگي ھوندي آھي، ان

---

[1]… مڪارم الاخلاق للخرائطى، باب ما جاء فى اكرام الضيف…الخ، جلد:2، صفحہ:155، حديث:329۔

[2]… ابن ماجہ، ڪتاب الاطعمہ، باب الضيافۃ، صفحہ:545، حديث:3356۔

جي مثان ڪا بہ شيءِ بيھندي ناهي، ان تي جيڪڏهن لَٽ رکجي تہ تيزيءَ سان لهي هيٺ اچي ويندي، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مثال ذريعي سمجهايو تہ جيڪڏهن اُٺ جي ٿُوهي تي لٺ رکجي تہ جيتري تيزي سان اها لٺ لهي هيٺ ايندي، جيڪو بانهو مهمان نوازي ڪندو آهي، خير ۽ برڪت ان ڪان بہ تيزي سان ان خوش نصيب جي گهر جي طرف وڌندي آهي.

۞ هڪ بي ايمان افروز روايت پڙهو! حضرت انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ پنهنجي ڀاءُ حضرت براء بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو تہ اي براء! ماڻهو جڏهن پنهنجي (ديني) ڀاءُ جي صرف رضائي الهي لاءِ مهمان نوازي ڪندو آهي ۽ ان جي ڪا جزا ۽ شڪريو طلب ناهي ڪندو تہ الله پاڪ ان جي گهر ۾ 10 فرشتن کي موڪليندو آهي جيڪي پورو سال ان جي گهر ۾ رهندا آهن ۽ الله پاڪ جي تسبيح بہ ڪندا آهن ، ان جي پاڪائي بہ بيان ڪندا آهن ، الله پاڪ جي ڪبريائي بہ بيان ڪندا آهن ۽ گهر وارن لاءِ بخشش جي دعا بہ ڪندا رهندا آهن.

جڏهن سال پورو ٿي ويندو آهي تہ انهن فرشتن جي پوري سال جي عبادت جي برابر گهر جي مالڪ جي عمل نامي ۾ عبادت لکي ويندي آهي ۽ ان سان گڏ آخرت ۾ ڪيس اها جزا ملندي تہ الله پاڪ ڪيس جنت جا لذيذ ڪاڌا کارائيندو. [(1)]

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيڏي زبردست فضيلت آهي ۞ مهمان گهر اچي، ان جي چڱي طرح مهمان نوازي ڪريو! ۞ بدلي ۾ ڇا ملندو؟ اسان جو گهر خير ۽ برڪت جو نڪاڻو بڻجي ويندو۞ فرشتا اسان جي گهر تشريف ڪٺي ايندا ۞ اسان جي گهر ۾ رهي الله پاڪ جا معصوم فرشتا الله پاڪ جو حمد ۽ ثناء ڪندا ۞۽ اسان لاءِ بخشش جون دعائون ڪندا. هي زبردست فضيلتون آهن. جيڪڏهن خوش قسمتي سان مهمان گهر تشريف آڻين تہ انهن روايتن کي ذهن ۾ رکي چڱي انداز سان انهن جي مهمان نوازي ڪريو!

اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!پوري سال تائين گهر خير ۽ برڪت جو نڪاڻو بڻجي ويندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي،

---

[1]... معرفة الصحابة لابی نعيم، جلد:1، صفحہ:339، حديث:1154۔

ان کي اجا چا ڪجهه عطا ٿيندو آهي ، ان تعلق سان وڏيڪ روايتون بہ آهن، مان مختصراً اهي روايتون عرض ڪريان ٿو:

## چڱا اخلاق نصيب ٿيندا آهن

۞ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللّٰه پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي ، ان کي سُٺا اخلاق عطا فرمائيندو آهي. (1)

معلوم ٿيو: ڀلو ڀانهو اهو آهي جيڪو سٺن اخلاقن وارو هجي.

## نيڪي جي توفيق ملي ويندي آهي

۞ نبين جا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اللّٰه پاڪ جنهن سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي ، ان کي ماڻهن جو محبوب بڻائيندو آهي. چا توهان چاهو ٿا تہ ڪيئن محبوب بڻائيندو آهي؟ اللّٰه پاڪ ان کي مرڻ کان پهريان نيڪ عملن جي توفيق عطا ڪندو آهي، بس ان جا پاڙيسري ۽ ويجهو رهڻ وارا ان کان راضي ٿي ويندا آهن. (2)

## قناعت ۾ برڪت عطا ڪئي ويندي آهي

۞ محبوبِ خدا، احمدِ مجتبٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن اللّٰه پاڪ ڪنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان کي ڏنل رزق تي راضي ڪندو آهي ۽ ان ۾ برڪت عطا فرمائيندو آهي. (3)

معلوم ٿيو: اللّٰه پاڪ جيڪو ڪجهه عطا فرمايو آهي، جيڪو ان تي راضي آهي، اهو ڀلو ٻانهو آهي. گهٽي کان گهٽي جو طلبگار آهي، پوءِ ڀلي اهو ڪروڙ پتي هجي، ڀلي غريبن جو غريب هجي، جڏهن اللّٰه پاڪ جي تقسيم تي راضي ناهي تہ هرگز ڀلو ٻانهو ناهي.

---

[1]... نوادر الاصول، الاصل التسعون و المائۃ، جلد:2، صفحہ:37۔

[2]... الاحاد و المثانی لابن ابی عاصم، جلد:3، صفحہ:315، حدیث:2340۔

[3]... الزہد لابن مبارک، فہرس ابواب زیادات الزہد، جز:5، صفحہ:461، حدیث:127۔

# حاجت روا بڻائيندو آهي

۞ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: وَاِذَا اَرَادَ اللّٰہُ بِعَبۡدٍ خَيۡرًا اسۡتَعۡمَلَهٗ عَلٰی قَضَاءِ حَوَائِجِ النَّاسِ يعني اللّٰه پاڪ جنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان کان ماڻهن جون حاجتون پوريون ڪرڻ جو ڪم وٺندو آهي. (1)

سُبۡحٰنَ اللّٰه! ماڻهن جون حاجتون اسان سان لاڳاپيل تي وڃن تہ ڪڏهن اسان تنگ ٿي ويندا آهيون ۞ هتان ڪان هڪ آيو: ٿورو قرض گهرجي ۞ ڪنهن جو فون آيو: معاملن ۾ ڦاٿل آهيان، ٿوري مدد ڪري ڇڏيو! ۞ ڪو ڪجهہ چئي رهيو آهي، فلاڻو پنهنجون حاجتون کڻي اچي رهيو آهي. اسان تنگ ٿي ويندا آهيون تہ ادا منهنجي بہ ڪا زندگي آهي يا نہ؟ مون ڪي پنهنجا بہ تہ ڪم ڪرڻا هوندا آهن. نہ...!! ائين نہ ڪريو! اللّٰه پاڪ ماڻهن جون حاجتون اوهان سان وابستہ ڪيون آهن، اوهان سندن حاجتون پوريون ڪريو! اوهان جو ھي ئي ڪم آهي. حديث شريف مطابق جيڪو ٻانهو ٻين جون حاجتون پوريون ڪرڻ ۾ لڳل رهندو، اللّٰه پاڪ ان جا ڪم ٺاهيندو رهندو آهي. (2)

# دعا جي توفيق ملي ويندي آهي

۞ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اللّٰه پاڪ جنهن ٻانهي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي ، ان جي دل کي دعا ڏانهن مائل فرمائي ڇڏيندو آهي.

اللّٰه اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! دعا عبادت جو مغز آهي، ان کي افضل عبادت فرمايو ويو آهي. افسوس! اسان وٽ دعائن جو رجحان گهٽ ٿي ويو آهي. اسان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سيرتِ پاڪ

[1]... شعب الايمان، باب فی الجود و السخاء، جلد:7، صفحہ:426، حديث:10839 ـ

[2]... مسلم، كتاب البر والصلة و الآداب، باب تحريم الظلم، صفحہ:1000، حديث:2580ـ

ڏسون ته اسان کي دعائون ئي دعائون ملن ٿيون ۞سمهڻ جي دعا ۞سمهي اٿڻ جي دعا ۞ ماني کائڻ جي دعا ۞ مانيءَ کان پوءِ جي دعا ۞ جوتا پائڻ جي دعا ۞ ڪپڙا پائڻ جي دعا ۞ صبح جي دعا ۞شام جي دعا ۞ پاڻي پيئڻ جي دعا ۞ کير پيئڻ جي دعا ۞ نئون چنڊ ڏسڻ جي دعا ۞نئين سال جي دعا. مطلب ته: صبح کان شام تائين، شام کان صبح تائين دعائون ئي دعائون آهن. افسوس! اسان کان اهي دعائون به ياد ناهن ٿينديون ۽ هونئن به اسان دعائون تمام گهٽ گهرندا آهيون. الله پاڪ توفيق عطا فرمائي. پلي ٻانهي جي نشاني آهي ته ان جي دل دعا ڏانهن مائل رهندي آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته اسان خوب خوب دعائون گهرندا ڪريون.

## صحابہ ڪرام جي محبت ملي ويندي آهي

هاڻي هڪ آخري ۽ ايمان افروز حديثِ پاڪ ٻڌو! افضل نبي، اشرف نبي، اعظم نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِذَا اَرَادَ اللهُ بِرَجُلٍ مِّنْ اُمَّتِيْ خَيْرًا اَلْقٰى حُبَّ اَصْحَابِيْ فِيْ قَلْبِهٖ يعني الله پاڪ جڏهن منهنجي ڪنهن اُمتي سان ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي ته ان جي دل ۾ منهنجي صحابہ جي محبت داخل ڪندو آهي.

سُبْحٰنَ الله!

| | |
|---|---|
| کیوں جہنّم میں جاؤں سینے میں | عشقِ اَصحاب و آل رکھا ہے |
| میں کبھی کا بھٹک گیا ہوتا | آپ ہی نے سنبھال رکھا ہے |

*–*–*–*

| | | |
|---|---|---|
| ہر صحابیِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | سب صحابیات بھی! جنّتی! جنّتی! |
| چار یارانِ نبی! | جنّتی! جنّتی! | حضرت صدیق بھی! جنّتی! جنّتی! |
| اور عمر فاروق بھی! | جنّتی! جنّتی! | عثمان غنی! جنّتی! جنّتی! |
| فاطمہ اور علی! | جنّتی! جنّتی! | ہیں حسن حسین بھی! جنّتی! جنّتی! |

والدینِ نبی! جنّتی! جنّتی! ہر زوجۂ نبی! جنّتی! جنّتی!
اور ابو سُفیان بھی! جنّتی! جنّتی! ہیں مُعاوِیہ بھی! جنّتی! جنّتی![1]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي سنن ۽ نيڪ ٻانهن جون نشانيون حديثن جي روشنيءَ ۾ عرض ڪيون ويون آهن. ۞ سڀ کان پهرين نشاني هئي: اسلام نصيب ٿيڻ. ۞ آخري نشاني آهي: صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُم جي محبت نصيب ٿيڻ. هي ٻئي نشانيون نهايت اهم آهن، اهي تہ اسان ڪي ضرور دل ۾ سمائي رکڻيون آهن، انهن ۾ ڪنهن بہ وقت، ڪنهن بہ لمحي، ڪنهن بہ قسم جو ڪوئي سمجهوتو نہ ڪرڻو آهي. وچ ۾ رهيل جيڪي نشانيون آهن: ۞ آزمائش تي صبر ۞ دين جي سمجهہ ۞ مهمان نوازي ۞ سٺا اخلاق ۞ نيڪين جي گهڻائي ۞ قناعت ۞ ماڻهن جي ڪم اچڻ وغيره. اهي نشانيون بہ اسان کي اپنائڻيون آهن. اللہ پاڪ عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي، نيڪ نمازي بڻجڻ، ظاهري و باطني گناهن کان پاڻ کي بچائڻ، فڪرِ آخرت حاصل ڪرڻ ۽ اللہ ۽ رسول جي محبت سان دل آباد ڪرڻ لاءِ اوهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب اڳتي وڌي حصو وٺو! اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم! دنيا ۽ آخرت جون بيشمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفتيوار رسالو مطالعو بہ آهي.

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلۡعِلۡمُ بِالتَّعَلُّم علم سکڻ سان ايندو[2] ۞ دورِ حاضر جي برائين ۾ هڪ وڏي برائي اها بہ آهي تہ ماڻهو علمِ دين کان پري ٿيندا پيا وڃن ۞ ديني ڪتابَ پڙهڻ جو ذوق نہ هجڻ جي برابر آهي ۞ پهرئين دور جا ماڻهو ديني ڪتابن سان تمام گهڻي دلچسپي رکندڙ هئا ۞ ڏينهن رات ڪتابَ

---

[1] ... وسائلِ فردوس، صفحہ:53۔
[2] ... بخاری ، صفحہ:90، حدیث:67۔

پڙهندا هئا ۞ تنهنڪري انهن وٽ ديني معلومات بہ گهڻي هوندي هئي ۽ ۞زندگي بہ پاڪيزه رهندي هئي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي خصوصيت آهي تہ سائين پاڻ بہ علمِ دين جا تمام گهڻا شوقين آهن ۽ عاشقانِ رسول کي بہ ديني ڪتابَ پڙهڻ جو شوق ڏياريندا آهن ۞ پاڻ هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جو فرمائيندا آهن ۞ مختصر رسالو هوندو آهي ۞ چند منٽن ۾ پڙهيو ويندو آهي. اوهان بہ پڙهندا ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! تمام گهڻو فائدو ٿيندو ۞ ديني معلومات وڌندي ۞ علمِ دين سکڻ جو ثواب ملندو ۞ ديني ڪتاب پڙهڻ سان دماغ بہ کلي ٿو ۞. نظر وسيع ٿيندي آهي ۞ حڪمت ملي ٿي ۞ سوچ پاڪيزه ٿئي ٿي ۽ ۞زندگي ۾ خوبصورتي اچي وڃي ٿي ۞ جديد سائنسي تحقيقات مطابق ڪتاب پڙهڻ سان دماغي بيمارين کان حفاظت ٿيندي آهي.

هر هفتي پابندي سان هفتيوار رسالو پڙهڻ جي نيت فرمايو! اچو ترغيب لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو...!!

هند جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مان ڪفر جي اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هئس، هڪ ڏينهن ڪنهن شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو رسالو احترامِ مسلم تحفي ۾ ڏنو. مون پڙهيو تہ حيران رهجي ويس تہ جن مسلمانن کي مون هميشہ نفرت جي نگاهہ سان ڏٺو آهي انهن جو مذهب اسلام ايتري قدر امن جو پيغام ڏئي ٿو! رسالي جي تحرير تاثير جو تير بڻجي منهنجي دل ۾ لهي وئي ۽ دل ۾ اسلام جي محبت گهر ڪري وئي. هڪ ڏينهن مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هئس تہ ڪجهہ ڏاڙهي ۽ عمامي وارن اسلامي ڀائرن جو قافلو بہ بس ۾ سوار ٿيو، مان ڏسندي ئي سمجهي ويس تہ هي مسلمان آهن، منهنجي دل ۾ اسلام جي محبت تہ پيدا ٿي ئي چڪي هئي تنهنڪري مان احترام جي نظر سان انهن کي ڏسڻ لڳس، ايتري ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۾

نعت شريف پڙهڻ شروع ڪري ڏني، مون کي ان جو انداز تمام سٺو لڳو، منهنجي دلچسپي ڏسي انهن مان هڪ مون سان گفتگو (Conversation) شروع ڪري ڏني. اهو ڄاڻي ويو ته مان مسلمان ناهيان، ان مسڪرائيندي وڏي دلڪش انداز ۾ مون کي چيو، مان اوهان کي اسلام قبول ڪرڻ جي درخواست (Request) ڪريان ٿو، مان رسالو احترامِ مسلم پڙهي پهرين ئي دلي طور تي اسلام جو شيدائي ٿي چڪو هئس، ان جي محبت ڀريل انداز منهنجي دل تي وڏيڪ اثر وڌو ۽ الحمد لله مان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويس. (1)

ترا شکر مولیٰ دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
دعا ہے یہ تجھ سے دل ایسا لگا دے | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول (2)

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بهار شريعت موبائل ايپلي ڪيشن جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان تمام پياري، نرالي ۽ تمام فائديمند موبائل ايپلي ڪيشن آندي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: بهارِ شريعت Bahar e shariyat ۞ صدرُ الشريعه، مولانا امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي شاندار تصنيف بهارِ شريعت جا ٽيئي جلدَ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل ڪيا ويا آهن ۞ ان کان علاوه بهارِ شريعت ۾ شامل قرآني آيتون، حديثون، اصطلاحون ۽ لغت هن ايپلي ڪيشن جو حصو آهن ۞ توهان ايپلي ڪيشن ۾ متن تلاش به ڪري سگهو ٿا ۞ سرچ ڪرڻ جا بهترين فيچر موجود آهن ۞ اردو ڪيبورڊ جي سهولت آهي ته جيئن ايپلي ڪيشن ۾ سرچ ڪرڻ ۾ آساني ٿئي. توهان به پنهنجي موبائل ۾ هي ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري ونو! ان مان فائدو ونو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... غافل درزی، صفحہ:25۔

[2]... وسائلِ بخشش،صفحہ: 647-648۔

# نومبر مهينو قافلي جو مهينو

پيارا اسلامي ڀائرو! دعوتِ اسلامي هڪ دفعو وري ملهائي رهي آهي: نومبر مهينو قافلي جو مهينو.

جنهن ۾ سڄي ملڪ کان عاشقانِ رسول ۞ 12 ماهه ۞ هڪ ماهه ۞ 12 ڏينهن ۞ ۽ 3 ڏينهن جي قافلن ۾ سفر ڪري رهيا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه! راهه خدا ۾ سفر ڪرڻ تمام فضيلت وارو ڪم بلڪ انبياءِ جي سُنت آهي.

توهان به قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي ڪوشش فرمايو! تي سگهي ته هيئنر پنهنجي نيت درج ڪرايو! اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْڪَرِيم! تمام برڪتون ملنديون ۞ قافلي ۾ فرض علمِ دين سيکاريو ويندو آهي ۞سنتون سيکاريون وينديون آهن ۞ تهجد پڙهڻ جي سعادت ملي ٿي ۞ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو ۞ قافلي جي برڪت سان دعائون پوريون ٿيڻ ۞ مشڪلاتون دور ٿيڻ ۞ بيمارين کان شفا ملڻ جا به سوين واقعا آهن ۞ ائين به ٿيو آهي ته قافلي ۾ سفر ڪندڙ عاشقانِ رسول جي حوصله افزائي لاءِ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، خواب ۾ تشريف ڪٽي آيا ۽ قافلي وارن کي ديدار جو جام پيئاريو. الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلان

۞ ڪجھ ضروري اعلان ٻڌندا: هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪره فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي به مدني چينل تي عشاء کان پوءِ (تقريبا 8:30 منٽ تي) اِنْ شَآءَاللّٰهُ الْڪَرِيم! هفتيوار مدني مذاڪره ٿيندو جنهن ۾ اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَڪَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ

رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمايو ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏيو ۞ شيخِ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪره ۾ ”بي حشاب مغفرت ڪرائيندڙ عمل“ رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس اپ وغيره استعمال ڪن ٿا، رضائي الهي ۽ ثواب لاءِ هي رسالو ٻين ڏي بہ شيئر (Share) ڪيو! ۞ مڪتبة المدينہ حضرت امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مشهور ڪتاب شرح الصدور کي اردو ترجمي سان شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب موت، برزخ، قبر ۽ آخرت جي احوالن تي نهايت دلنشين ۽ ايمان افروز انداز ۾ روشني وجهي ٿو. هن ڪتاب کي مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 700 روپين ۾ قيمتاً طلب فرمايو. پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ چند آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدۡ اَحَبَّنِی وَمَنۡ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیۡ فِی الۡجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [1]

سينہ تيري سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ”سچ ڳالهائڻ سنت“ مصطفيٰ آهي

2 فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1): سچ ڳالهائڻ نيڪي آهي ۽ نيڪي جنت ۾ وٺي ويندي آهي. [2] (2): پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پڇيو ويو: جنتي عمل ڪهڙو آهي؟ فرمايو: سچ ڳالهائڻ. [3]

---

[1]... تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

[2]... مسلم،ڪتاب الادب، باب قبح الكذب...الخ، صفحہ: 1405، حديث: 2607۔

[3]... مسند امام احمد ، جلد: 2، صفحہ:589، حديث:6652۔

اي عاشقانِ رسول! سچ ڳالهائڻ سنتِ مصطفيٰ آهي ۞ اسان جا پيارا آقا، مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هميشه سچ ڳالهائيندا هئا ۞ ان ئي ڪري ماڻهو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي صادق ۽ اَمين جي لقب سان ڄاڻيندا هئا۞ حضرت عبد الله بن سلام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اجا ايمان نہ آندو هئو تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسندي ئي پڪاريو: وَجْهُهٗ لَيْسَ بِوَجْهِ كَذَّابٍ هي مبارڪ چهرو ڪوڙ ڳالهائڻ واري جو چهرو ناهي، پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ اسلام قبول ڪري ورتو.

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪوڙ ڳالهائڻ گناهہ آهي، اسان کي سنتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي هميشه سچ ئي ڳالهائڻو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي هميشه سچ ڳالهائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جو شايع ٿيل **بهارشريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

| | |
|---|---|
| آؤ قافِلے میں ہم کریں مل کر سفر | سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنْ شَآءَ الله سر بَسَر |
| تیس تیس اور بارہ بارہ دن کے قافلے | میں سفر کرتے رہو جب بھی تمہیں موقع ملے |

الله پاڪ اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہصَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہصَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

---

1... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3... القول البديع، الباب الثانی، ص277

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
2... القول البديع، الباب الاول، ص2125
3... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
2... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455